Funded by the European Union

Government of Sindh

unicef for every child

# Teacher Training Module: Sindhi

## Learning Cycle Four

پڙهڻ جي مَهارت

Sindh Technical Assistance – Development through Enhanced Education Programme (STA-DEEP)



Sukkur IBA University

THE AGA KHAN UNIVERSITY

## تربيت جو تعارف ۽ استدلال

### محترم استاد صاحبان!

مسلسل پيشه وراڻه واڌاري (CPD) جي پروگرام جي نئين مرحلي ۾ پليڪار. پوئين مرحلي ۾ اسان تدريسي مهارتن تي ڌيان ڏنو هو جنهن ۾ ڪلاس روم ۾ سکڻ واري عمل کي پرلطف بڻائڻ ۽ شاگردن جي فعال شرڪت ڪرڻ ۾ بهتر موقعو فراهم ڪرڻ جي حوالي سان اوهان جي مهارتن کي هٿي ونرائڻ ۾ مدد ڪئي. نئين مرحلي ۾ اسان انهن تدريسي مهارتن جي مشق جاري رکنداسين ۽ رياضي، سائنس، انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ متعارف ڪرايل مواد جي جاڻ ۽ مهارتن جي باري ۾ به وڌيڪ پرائيندداسين. نتيجي ۾ توهان ڪلاس روم جي صورت حال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ وڌيڪ تيار ٿي ويندا ته جيئن مضمون جي علم سان لاڳاپيل جديد تدريسي حڪمت عملين جو استعمال ڪري سگهو.

### اسان جو نصب العين

اسان جو گڏيل مقصد سڄي سنڌ جي اسڪولن ۾ تدريس جي معيار کي بهتر بڻائڻ آهي. اسان چاهيون ٿا ته شاگرد سرگرم ۽ باهمي تعاون سان سکندڙ، مسئلا حل ڪندڙ ۽ تنقيدي سوچ رکندڙ بڻجن، جيڪي تخليقيت ۽ اعتماد سان ڪمن کي ڏسندڙ هجن. هو موضوع جي مواد جي باري ۾ تصوراتي طور تي واضح هجن ۽ ان مواد کي پنهنجي چوڌاري دنيا سان ڳنڍڻ جي مهارت رکندڙ هجن. ان کي ممڪن بڻائڻ جي لاءِ اسان کي بطور استاد، تعليمي ادارن ۾ ڪلاس روم جي گهرجن ۽ مضمون جي مواد جي لاءِ بهتر نموني تيار رهڻ گهرجي. اهڙي طرح، اسان جو مقصد انهن تربيتن کي پيشه وراڻه بڻائڻ آهي ته جيئن CPD جي استادن جا تربيتي ڪورس پنهنجو اثر ڏيکاري سگهن ۽ شاگردن جي ڪارڪردگي ۾ خاطر خواهه تبديلي اچي.

## اسان جو تدريسي فلسفو

سي پي ڊي (CPD) جا تربيتي سيشنَ، هن تربيت سميت، هڪ شرڪتي تدريسي فلسفي جي پوئواري ڪن ٿا جنهن ۾ شرڪت ڪندڙ سرگرم ۽ پاڻ ۾ تعاون سان سکڻ کي لاڳو ڪري ۽ ان جي مشق ڪرڻ سان گڏوگڏ عمل ڪندڙن جي ڪميونٽي ٺٽڻ جي لاءِ پنهنجي ۽ ٻين ساٿين جي عڪاسي ۾ رُڌل هوندا آهن. مقصد نه رڳو تدريسي طريقن کي بهتر ٺاڻڻ آهي بلڪه توهان کي مضمون جي نظريي ۽ حڪمت عملين کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيڻ آهي جيڪي شاگردن کي روزاني زندگي ۾ مواد کي اعتماد ۽ مهارت سان لاڳو ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

## توهان جي سهڪار ڪندڙ

تربيتي ماڊيول توهان جي ڪلاس روم جي تدريس ۾ توهان جي سهڪار ڪرڻ جي لاءِ جوڙيو ويو آهي. هي توهان کي مضمون جي مواد ۽ ڪلاس روم ۾ استعمال جي لاءِ ڪجهه طريقن سان متعارف ڪرائيندو. هي توهان جي تدريس کي وڌيڪ منظم ڪرڻ جوڳو بڻائيندو ۽ توهان کي هڪ هنرمند استاد طور وڌڻ ۾ مدد ڏيندو.

## مڃتا/اعتراف

هي ماڊيول سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۽ آغا خان يونيورسٽي - انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل ڊولپمينٽ، پروانشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) جي هدايت هيٺ تيار ڪيو آهي. يونيسيف طرفان سنڌ ٽيڪنيڪل اسسٽنس ڊولپمينٽ ٿرو انهينسڊ ايجوڪيشن پروگرام (STA-DEEP) جي تحت سهڪار ڪئي وئي، جنهن کي يورپي يونين طرفان مالي مدد ڏني وئي.

اسان هيٺ ڏنل ڀاڱيدارن لاءِ خلوص دل سان ٿورائتا آهيون:

| | |
|---|---|
| سيد رسول بخش شاهه | ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، سنڌ ٽيچرس ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي (STEDA) |
| نصرت فاطمه ڪلهوڙو | ڊائريڪٽر جنرل پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) |
| ٽيڪم هرچنڊاڻي | ايڊيشنل ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيچر ٽريننگ انسٽيٽيوشنس سنڌ، حيدرآباد |
| ڊاڪٽر الطاف حسين سمون | ڊائريڪٽر ايگزيڪيوٽو ڊولپمينٽ سينٽر ايٽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| ڊاڪٽر تڪبير علي | ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر آئوٽريچ ايٽ آغا خان يونيورسٽي، ڪراچي |
| ذوالفقار علي ٻيھڻ | ڊپٽي ڊائريڪٽر، ٽي ٽي آئز |
| ريحانه پروين | ڊپٽي ڊائريڪٽر، اسٽيڊا |
| سائمه ميمڻ | اسسٽنٽ پروفيسر، پائيٽ نوابشاهه |
| محمد پنهل | موڊيول ڊويلپر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| ڊاڪٽر وحيد ڪلهوڙ | موڊيول رويوئير |
| نصرت سڪندر | انسٽرڪٽر جي اي سي اي ايم حيدرآباد |

| | |
|---|---|
| ارسلان احمد | موڊيول ڊزائينر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| عبدالجبار شاھ | موڊيول ڊزائينر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| سيد ڪامران شاھ | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| رابعه بتول | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| آصف ابرار | ايجوڪيشن اسپيشلسٽ، يونيسيف |
| ڊاڪٽر سليمه بيگم | ايجوڪيشن آفيسر، يونيسيف |
| محمد ذوالفقار علي | ايجوڪيشن ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |
| آفتاب احمد نظاماڻي | اسڪول ڪلسٽرنگ ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |

**سِکيا جي حاصلات** : هن تربيتي سيشنَ جي پڄاڻيءَ تي سکيا وٺندڙ ان قابل ٿي ويندا ته:






پڙهڻ جي مهارت جي جُزن ( رواني ۽ تفهيم عبا رت )جي تعريف ۽ تدريسي سرگرميون بيان ڪري سگهندا.




پڙهڻ جي جزن: رواني ۽ تفهيم عبارت جون تدريسي حڪمت عمليون درسي ڪتاب مان تيار ڪري پيش ڪري سگهندا.




**پڙهڻ جي جزن: رواني ۽ تفهيم عبارت جي سرگرمين ذريعي حاصل ڪيل معلومات ۽ سکيل سرگرمين تي پنهنجا تاثرات پيش ڪري سگهندا.**

## Session Plan سيشن جي رٿا بندي

Instructional strategies/activities

| Materials/resources<br>گهربل سامان/وسيلا | Activities/learning experiences<br>سرگرميون / سکيا جا تجربا | Objective/purpose of the activity<br>سرگرمي جو مقصد | Time<br>وقت |
|---|---|---|---|
| | 1.سيني شرڪت ڪندڙن استاد صاحبان کي هن تربيتي پروگرام ۾ ڀليڪار چئو.<br>2.پروگرام جي باقائده شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪريو. جنهن لاءِ شرڪت ڪندڙن مان ڪنهن هڪ کي اڳيان گهرايو. | • ڀليڪار / شروعات ڪرڻ<br> | 10 منٽ |
|  | ذهني آمادگي (Motivation)<br>1. تربيت وٺندڙن کي چئو ته آءٌ اوهان جي سامهون هڪ مختصر ڪهاڻي ٻن مختلف طريقن سان پڙهندس.<br>2. اوهان ٻنهي مختلف پڙهڻ جي طريقن تي غور ڪريوءِ ٻڌايو ته انهن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟<br>3. هاڻي ساڳي ڪهاڻي اٽڪي اٽڪي هڪ لفظ کان ٻيو لفظ پڙهندي غير ضروري وقفا ڏئي بنا ڪنهن تاثرات جي پڙهو ۽ ساڳئي وقت، ٻن يا ٽن لفظن جوغلط تلفظ ادا ڪريو (ڪهاڻي لاءِ ڏسو هيند آئوٽ نمبر 1) | • تربيت وٺندڙن کي پڙهڻ جي مهارت جي جزن ، رواني ۽ تفهيم عبارت جي تدريس ۽ سرگرمين کان متعارف ڪرائڻ | 20 منٽ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| |  | 4. آڪاٽي پڙهڻ کان پوءِ تربيت وٺندڙن کي چئو تہ هاٽي توهان هن ڪهاٽي کي ٻئي طريقي (اٽڪي، اٽڪي) سان پڙهندا.<br>5. پوءِ ساڳئي ڪهاٽي کي مناسب رفتار، صحيح تلفظ ۽ تاثر سان پڙهو.<br>6. آڪاٽي جي آخر ۾ تربيت وٺندڙ کان پڇو تہ پڙهڻ جي ٻنهي انداززن ۾ ڪهڙو فرق هو؟<br>7. تربيت وٺندڙن جي جواب کان پوءِ، وضاحت ڪريو:<br>8. اسان گذريل سيشن ۾ پڙهيو آهي تہ متن کي مناسب رفتار، صحيح تلفظ ۽ مناسب اظهار سان پڙهڻ کي ’رواني‘ چئبو آهي.<br>9. هن تربيتي سيشن ۾، اسين ’رواني‘ سان پڙهڻ سيکارڻ ۽ متن کي سمجهي پڙهڻ جي سرگرمين کي سکنداسين. | |
| <br>40 منٽ | • تربيت وٺندڙ روانيءَ سان پڙهڻ جي عملي مشق ڪندا | مواد (درسي ڪتابن مان ورتل)<br>1. تربيت وٺندڙن کي چئن گروپن ۾ ورهايو ۽ انهن ۾ ’رواني‘ جي تدريسي سرگرمين تي مشتمل هينڊ آئوٽ ورهايو ۽ انهن کي هدايت ڪريو تہ هينڊآئوٽ کي غور سان پڙهن ۽ سمجهن.<br>2. تربيت وٺندڙن کي هدايتون ڏيو ته هينڊ آئوٽ پڙهڻ کان پوءِ درسي ڪتابن جي مدد سان ڪنهن هڪ تدريسي سرگرمي جي چونڊ ڪن. |  |

| | | | |
|---|---|---|---|
|  | 3. چونڊيل سرگرمي تي مختصر مدت وارو سبقي خاڪو تيار ڪريو ۽ سيني جي سامهون پيش ڪريو.<br><br>**تفهيم عبارت**<br><br>**فعال ليڪچر Interactive Lecture**<br><br>1. تربيت وٺندڙن کي ٻڌايو ته عبارت کي ’سمجهي پڙهڻ‘ مهارت پڙهڻ جو اصل مقصد آهي، تنهنڪري ضروري آهي ته جڏهن شاگرد بنيادي پڙهڻ جي منزل حاصل ڪري وٺن ۽ انهن کي سادن ۽ بنيادي لفظن جي سڃاڻپ ٿي وڃي ته انهن کي تفهيم عبارت جي مرحلي ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ مختلف قسمن جي تدريسي ۽ سکڻ جي سرگرمين ذريعي انهن کي عبارت سمجهي پڙهڻ سيکاريو وڃي.<br>1. اڳڪٿي (Prediction)<br>2. خلاصو ڪرڻ (Summarize)<br>3. بي ترتيب پيراگراف Puzzling Paragraph<br>4. اعلي ذهني سطح جي سوالن جا جواب ڏيڻ |  | |
| | **BREAK** | | 10 منٽ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 80 منٽ | • شرڪت ڪندڙن کي تفهيم عبارت جون مختلف سرگرميون جي عملي مشق ڪرائڻ | درسي ڪتاب جي مدد سان مشق ڪرائڻ <br>1. تربيت وٺندڙن کي چئن گروپن ۾ ورهايو<br>2. هر گروپ کي  چئو تفهيم عبارت هينڊ آئوٽ کي پڙهي سمجهي درسي ڪتاب جي مدد سان ان تي (Presentation) تيار ڪن.<br>3. 10 کان 15 منٽن کان پوءِ گروپن کي چئو ته پنهنجي Presentation پيش ڪن.<br>(تفهيمي سرگرمين لاءِ هينڊ آئوٽ نمبر 2 ڏسو) |  |
| 30 منٽ | • رواني ۽ تفهيم عبارت تي تاثرات پيش ڪرڻ. | اختتامي سرگرمي Concluding Activity <br>1. تربيت وٺندڙن کي چئو تہ ڪلاس روم جي سطح تي  عبارت ( نثر ۽ نظم) جا مقابلا ڪرايا وڃن. مقابلي ۾، شاگردن جي متن جي پڙهڻ جائزي لاءِ هڪ آزمائشي معيار (Rubric) وضع  ڪئي وڃي، جيڪا مقابلي کان اڳ شاگردن کي |  |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | ٻڌائي وڃي ته جيئن اهي پنهنجي ڪارڪردگي ان معيار تائين آڻڻ لاءِ عبارت کي بهتر رواني سان پڙهي سگهن. (تفصيل لاءِ هينڊ آئوٽ 3 ۽ 4 ڏسو)<br><br>2. رواني ۽ تفهيم عبارت تي ڏنل معلومات تي 10 کان 15 سوال تيار ڪريو.<br><br>3. هاڻي مروج حروف تهجي جي ترتيب موجب ترتيب ونندڙن کان سوال پڇو ۽ ساڳئي وقت اهم نقطن کي ٻيهر ورجائيندا وڃو.<br><br>4. مثال طور، جن ترتيب ونندڙن جا نالا "الف" سان شروع ٿين ٿا، انهن کي پنهنجي سيٽ تان اٿي بيهڻ لاءِ چئو، پوءِ انهن کان سوالن جا جواب وٺو ۽ سرگرمي اڳتي وڌئيندا وڃو.<br> | | |



# زخمي جهرڪي

علي ۽ ...............اسماءَ ...................ٻه ........... ٻار آهن. هڪ ................ڏينهن............... هو اسڪول
ڪان...............گهر اچي رهيا هئا ته...... رستي ۾ ..........ڪين هڪ.............. زخمي ..................جهرڪي ملي
ان جي ............. زخم مان ......................رت .........وهي رهيو............هو....... ٻارن جهرڪي
کي ...................پاڻي پياريو . ان جي ................زخم .......................تي
ملم ............لڳايو...................جهرڪي ............ٺيڪ .........ٿي وئي. پوءِ...........اها ٻيهر...........اڏامي
وئي.

# پڙهڻ جو سرگرميون

**.1 اڳڪٿي (Prediction)**

متن پڙهڻ کان اڳ متن سان گڏ ڏنل تصويرن جي اڳڪٿي ڪرايو ته ان سبق ۾ ڪهڙي ڪهڙي ڳالهه هوندي؟ ڪهڙا ڪردار هوندا؟ ڇا تصور هوندا؟ وغيره.

**.2 خلاصو (Summarizing)**

شاگردن کي ڪهاڻي يا دلچسپ معلوماتي عبارت پڙهائي ڇيو وڃي ته ان عبارت جي معلومات پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪن.

**.3 عبارت جا بي ترتيب حصا / پئراگراف ترتيب ڏيڻ (Puzzling Paragraph)**

- شاگردن جا جوڙا ناهيو
- هر گروپ کي ڪنهن ڪهاڻي يا معلوماتي عبارت جا مختلف حصا اڳيان پويان ڪري ڏنا وڃن ۽ کين چيو وڃي ته انهن کي ترتيب ڏئي ڪلاس ۾ پيش ڪريو.
- عبارت پڙهي اعليٰ ذهني سطح جون مهارتون (Higher Order Thinking Skill) مثال طور: عام فهم (General Understanding)، تعبير (Interpretation)، پڙهندڙ ۽ عبارت جو تعلق (Reader Text Connection)، زبان شناسي / ٻولي جي فهم (Language Cognition) تي ٻڌل سوالن جا جواب ڏين.

**عام فهم جا سوال:**

- عام فهم دراصل تفهيم جي اها اهليت آهي جيڪا ڪنهن عبارت (نظم / نثر) کي مڪمل طور تي پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان پوءِ حاصل ٿئي ٿي.
  - مثال طور: هڪ عبارت کي پڙهڻ کان پوءِ هيٺيان سوال ڪريۓسگهجن ٿا.
- هن عبارت جا موزون ترين عنوان ڪهڙا آهن؟
- هن عبارت پڙهڻ کان پوءِ ڪهڙي قسم جا جذبا پيدا ٿين ٿا؟
- هي عبارت پڙهڻ کان پوءِ توهان پنهنجي ساٿين کي ڇا ٻڌائيندا؟

**تعبير** (Developing Interpretation)

- تعبير تفيهم جي اها اهليت آهي جنهن ۾ شاگرد عبارت سٽن ۾ لڪيل معلومات ۽ تصورن کي اخذ ڪندا آهن.
  - علي اسلم کي مدد لاءِ ناهي ڇيو وجھ بيان ڪيو.
  - عبارت پڙهي اوهان علي جي ڪردار کي ڪيئن بيان ڪندو وضاحت ڪريو.

**پڙهندڙ ۽ عبارت جو تعلق** (Making Reader Text Connection)

- تفهيم: عبارت جي اهليت ۾ شاگرد عبارت پڙهي ان کي پنهنجن ذاتي تجربن، مشاهدن ۾ حقيقي زندگيءَ سان ڳنڍيندا آهن.
  - مثال : جيڪڏهن اوهان عليءَ جي جڳهه تي هجو ها ته ڇا ڪريو ها؟
  - ڪهاڻيءَ جي ٻالڪ ڪردارن وانگر اسان جي چوڌاريءَ موجود ٻارَ ڪهڙي ڪهڙيون سرگرميون پسند ڪندا آهن؟ وضاحت ڪريو.

**مواد جي بناوت جو تجزيو (Examining Content Structure)**

- تفهيم عبارت جي هيءَ اهليت صنف جا مقصد، مدعو، لکت جو طريقو، لفظ جي چوندِ جو تجزيو ۽ تفهيم جيان نشاندهي ڪندي آهي.

مثال: عبارت ۾ ليکڪ باغيچي جي خوبصورتي ۽ احمد جي خيالن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪهڙا لفظ استعمال ڪيا آهن؟

**زبان شناسي / ٻولي جي ڄاڻ (Language Cognition)**

- تفهيم عبارت جي هن اهليت ۾ پڙهندڙ ٻوليءَ جي گرامر، بناوت ۽ استعمال کان واقف ٿيندو آهي.

مثال: عبارت مان ضمير چونڊي لکو.

هڪ جهڙي معني رکندڙ لفظ هم معني چورائيندا آهن. هن عبارت مان هم معني لفظ چونڊي لکو.

# پڙهڻ جا مقابلا

ڪلاس جي سطح تي عبارت (نثر يا نظم) پڙهڻ جا مقابلا ڪرايا وڃن. شاگردن جي پڙهڻيءَ جي جائزي جا جانچڻ جا معيار (Rubric) ترتيب ڏنا وڃن . جيئن مقابلي ڪا پهرين شاگردن ڪي ٻڌايو وڃي ته اهي پنهنجي ڪارڪردگي ان معيار تائين پهچائڻ لاءِ عبارت ڪي روانيءَ سان پڙهي سگهن.

جانچڻ جي معيارن (Rubric) روانيءَ سان پڙهڻ لاءِ هيٺين زاوين کي سامهون رکجي.

(1) **مناسب رفتار (Speed)**
بيهڪ جي نشانين کي ذهن ۾ رکندي عبارت کي بنا اٽڪي پڙهڻ.

(2) **درست اچار (Accuracy)**
عبارت ۾ شامل لفظن کي درست حرڪتن (زبر، زير ۽ پيش) سان پڙهڻ ته درست اچار نکري سگهن

(3) **تاثرَ** **(Expressions)**

عبارت ۾ شامل لفظن ۽ جملن کي انهن جي ڪيفيتن سان پڙهڻ ته اهو ڏنو وڃي ته ڇا عبارت سمجهي پڙهجي پئي؟

# تفهيم عبارت جون سرگرميون

## (وچولي درجي لاء)

شاگردن جي تفهيم لاءِ هڪ عبارت / اقتباس / پيراگراف پڙهڻ لاء ڏنو وجي. ان کي پڙهڻ کان پوء، شاگرد ان جي باري ۾ پڇيل سوالن جا جواب ڏين. ته جيئن اهو ڄاڻي سگهجي ته شاگرمتن پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي قابل ٿي چڪا آهن.

## درسي ڪتاب مان ورتل عبارت

## رواني: (پڙهائڻ جون سرگرميون)

- شاگردن کان هڪ ئي عبارت ورجائي پڙهائڻ ۾ ان ۾ روانيءَ جي زاوين، رفتار، اچار ۾ تاثرن تي ڌيان ڏيڻ.

**بصري لفظ**: (Sight Words)

هر روز هڪ کان ٻه بصري لفظ مثال: (آهي، آهن، هو، هئا، هن، تون، هو وغيره) شاگردن جي سامهون پيش ڪرڻ، اهي لفظ بورڊ تي چٽا لکڻ، لفظ کي بنا هجي ڪرڻ جي ورجائي پڙهڻ ۾ پڙهائڻ ۾ ڪلاس ۾ لفظن جي پِٽ (Word Wall) لڳائڻ تہ شاگرد انهن لفظن کي مسلسل ڏسندا رهن ۾ اهي لفظ انهن جي ذهن ۾ نقش ٿيندا رهن. انهن لفظن جي ذهن ۾ ويهڻ سان شاگردن جي روانيءَ سان پڙهڻ جي اهليت ۾ درجيوار اضافو ٿيندو ويندو.

**پڙهڻ جي رفتار جو رڪارڊ**

استادن کي گهرجي تہ ڪلاس جي سمورن شاگردن جي پڙهڻ جي رفتار جو جائزو وٺي جدول ۾ محفوظ ڪن

# رفتار / پڙهڻ جي جائزي جو خاڪو

## پڙهڻ جي رفتار جي جائزي جي جدول

| نمبر | نالو شاگرد / شادگرياڻي جو | سال جي شروعات ۾ پڙهڻ جي رفتار | سال جي وچ ۾ پڙهڻ جي رفتار | سال جي آخر ۾ پڙهڻ جي رفتار |
|---|---|---|---|---|
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |
| | | | | |

## سرگرمي 8

### هڪ تحرير جي چونڊ ڪريو ۽ شاگردن کي هدايت ڏيو ته ان کي غور سان پڙهي مذڪر مونث، واحد جمع ۽ ضد ڳولي هيٺ ڏنل خانن ۾ لکن

آچر جي ڏينهن صبح جو نيرن کان پوءِ بابا چيو ٻارو! تيار ٿيو... اڄ اسان چڙيا گهر جو سير ڪرڻ ويندا سين. اهو ٻڌي سڀئي ڏاڍو خوش ٿيا. سڀني جلدي جلدي تياري ڪئي. ماما سائينءَ پٽاٽن جي چپس ٺاهي. اديءَ اوفراتا ۽ ڪباب تيار ڪري ٽفن ۾ ڪنيا. ڏاڏا سائينءَ ادا کي موڪلي جوس جا ڏٻا گهرايا. ايتري ۾ اسان جي پياري ننڍڙي انجو گاڏيءَ ۾ ويٺي. ان جي هٿ ۾ ٻه پڳل چٽن جي ٿيلهي هئي. ان کي ادا ٻڌايو هو ته پولڙي کي چٽا ڏاڍا وڻندا آهن.

چڙيا گهر ۾ داخل ٿيندي ئي سڀني ٽڪيٽون ورتيون ۽ سڀ کان پهريائين پنجري طرف هليا. جي ها! هي رنگ برنگي مور آهن. جيئن ئي انجو ادا جي آڱر پڪڙي مور جي پڃري ڏانهن جي ويجهو وئي مور پنهنجا پر کوليا. اسان جي انجو جون ته اکين ۾ حيرانگي اچي وئي. پيارا ٻارو! الله سائينءَ مورن کي تمام سهڻو بڻايو آهي. انهن جا وڏا وڏا رنگ برنگي کنڀ سڀني کي ڏاڍا وڻندا آهن ۽ حيران ڪري ڇڏيندا آهن.

ٻيو پڃرو پکين جو هو، جنهن ۾ ننڍڙيون پياريون پياريون جهرڪيون چون...چون... ڪري رهيون هيون. اڳيئن خاني ۾ وري ڪبوتر غٽر غون... غٽر غون... ڪري شور مچائي رهيا هئا. اتي ئي هڪ خانو آسٽريلين طوطن جو ٻه هو جيڪي ڪڏهن گڏ هڪ ٽاريءَ تي ته ڪڏهن ٻي ٽاريءَ تي وينا پئي. انجو انهن سڀني پکين کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي.

هاٿي هاٿي ڏسڻ جو وارو هو جيڪو هڪ وڏي پجري ۾ بند هو سندس سونڊ وڏي هئي ۽ پڇ ننڍو هيس. جڏهن هن پنهنجو ڳرو پير زمين تي رکيو ته انجو کي لڳو ڄڻ زمين ڏٻجي وئي هجي. هاٿي جي سونڊ ۾ پنن واريون ٽاريون هيون جنهن کي هو آهستي آهستي چٻاڙي رهيو هو. هن جا ڪن پکي جي پرن وانگر هئا.

هتي وڏن وارن وارو ٻبر شينهن ۽ شينهڻ ٻه هيا. چڙيا گهر سنڀاليندڙ ان ڪمري ۾ ويا جتي پجرو هو. هو هڪ ڪري اندر ويا، ان ڪمري جو دروازو ٻاهر طرف پئي ڪليو. هنن گوشت جا وڏا وڏا ٽڪرا رکيا ۽ پوءِ ٻاهر آيا. انهن هڪ وڏي ڏنڊي جي مدد سان پجري جو دروازو کوليو جيڪو اندر طرف پئي ڪليو. انهن بابا سائينءَ کي ٻڌايو ته اهڙيءَ طرح روزانو شينهن کي خوراڪ ڏني ويندي آهي. جڏهن شينهن جو گجگوڙ وارو آواز آيو ته ننڍڙي انجو جي پتڪڙي دل دهلجي وئي ۽ هوءَ ماما سائينءَ کي چنبڙي پئي.

| مذكر مونث | | واحد جمع | | لفظ ضد | |
|---|---|---|---|---|---|
| مذكر | مؤنث | واحد | جمع | لفظ | ضد |
| | | | | | |
| | | | | | |
| | | | | | |
| | | | | | |